مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ فائديمند رسالو

# زخمي نانگ

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَت بَرَكاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# زخمي نانگ

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# زخمي نانگ

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري پر اوهان هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهي، ان جون برڪتون حاصل ڪريو.

## درود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سلطان، سَرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: "مون تي درود پاڪ پڙهڻ پلصراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي اسي ڀيرا درود پاڪ پڙهي ان جي اسي سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا."

(الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 408 حديث 3814)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سيّدنا ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ نوجوان صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نئين نئين شادي ٿي هئي. هڪ ڀيري جڏهن اهي پنهنجي گهر تشريف کڻي آيا تہ ڏٺائون سندن ڪنوار گهر جي دروازي تي بيٺي آهي، جلال ۾ اچي نيزو ڪڍي پنهنجي ڪنوار ڏانهن وڌيا، هوءَ گهٻرائجي پوئتي هٽي وئي ۽ روئي چوڻ لڳي، منهنجا سرتاج! مون کي نہ ماريو، مان بي قصور آهيان، تورو گهر ۾ هلي ڏسو تہ سهي ڪهڙي شيءِ مون کي ٻاهر ڪڍيو آهي! پوءِ اهي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اندر تشريف کڻي ويا، ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ خطرناڪ زهريلو نانگ ڦڻ ڪڍيو بستري تي وينو آهي، بيقرار ٿي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

نانگ تي زوردار وار ڪري ان کي نيزي سان ڪٽي ورتو، نانگ وڪڙ ڪائي ان صحابي کي ڏنگي ورتو، زخمي نانگ تڙپي تڙپي مري ويو ۽ اهي غيرتمند صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ به نانگ جي زهر جي اثر سبب شهيد ٿي ويا. (مسلم ص 1228 حديث 2236 ملخصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

غيرت مند اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ اسان جا صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪيتريقدر بامُروَّت هوندا هئا، انهن کي اهو به منظور نه هئو ته انهن جي گهر جي عورت گهر جي چائنٽ يا دريءَ تي بيٺل هجي. پنهنجي گهرواريءَ کي سنواري سينگاري بي پردگي سان شادي هال ۾ وٺي وڃڻ وارن، بي پردگي سان اسڪوٽر تي پويان ويهاري گهمائڻ ڦيرائڻ وارن، شاپنگ سينٽرن ۽ بازارن ۾ بي پردگي سان شاپنگ کان نه روڪڻ وارن جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي.

## عورت خوشبو لڳائي ٻاهر نه نڪري

مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "بيشڪ جيڪا عورت خوشبو لڳائي (ماڻهن جي) مجلس وٽان گذري ته اها اهڙي اهڙي آهي يعني زانيه آهي." (سنن ترمذي ج 4 ص 361 حديث 2795)

مُفَسِّرِ شهير حڪيمُ الامَّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: "چو ته هوءَ ان خوشبو جي ذريعي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندي آهي، جيئن ته اسلام زنا کي حرام ڪيو آهي، ان ڪري زنا جي اسباب کان به روڪيو آهي."
(مراة المناجيح ج 2 ص 172)

فرمانِ مصطفٰی صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

# بي پردگيءَ جي خوفناڪ سزا

حضرت سيدنا امام احمد بن حجر مڪّي شافعي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ القوي نقل فرمائن ٿا: ”معراج جي رات سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪن عورتن جي عذاب جا جيڪي خوفناڪ منظر ملاحظہ فرمايا انهن مان هي بہ هو تہ هڪ عورت وارن سان لٽڪيل هئي ۽ ان جو دماغ ٽهڪي رهيو هو، سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ هيءَ عورت پنهنجي وارن کي غير مردن کان نہ لڪائيندي هئي. (الزواجر عن اقتراف الکبائر ج 2 ص 97،98)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# خوفناڪ جانور

غالبًا شعبانُ المُعَظَّم 1414ھ جو آخري جمعو هو. رات جو ڪورنگي (باب المدينہ ڪراچي) ۾ منعقد ٿيڻ واري هڪ عظيم الشّان سنّتن ڀري اجتماع ۾ هڪ نوجوان سان سگِ مدينہ عُفِيَ عَنہ (راقم الحروف) جي ملاقات ٿي، ان تي خوف طاري هو. ان حلفيہ بيان ڏنو تہ منهنجي هڪ عزيز جي جوان ڌيءُ اوچتو فوت ٿي وئي، جڏهن اسان تدفين کان فارغ ٿي موٽياسين تہ مرحومہ جي والد کي ياد آيو تہ ان جو هڪ هينڊ بيگ جنهن ۾ اهم ڪاغذات هئا، اهو غلطي سان ميّت سان گڏ قبر ۾ دفن ٿي ويو آهي، مجبور ٿي ٻيهر قبر کوٽڻي پئي، جيئن ئي اسان قبر تان تختا هٽايا تہ خوف وچان اسان جون رڙيون نڪري ويون، ڇو تہ جنهن جوان ڇوڪريءَ کي هاڻي هاڻي اسان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

صاف ڪفن ۾ ويڙهي دفن ڪيو هو اها ڪفن ڦاڙي اٿي ويٺي هئي ۽ اها بہ ڪمان جيان ٽيڙي! آهہ! ان جي مٿي جي وارن سان ان جون ٽنگون ٻڌل هيون ۽ ڪيترائي ننڍا ننڍا نامعلوم خوفناڪ جانور ان سان چنبڙيل هئا. هي ڀوائتو منظر ڏسي اسان کي تمام گهڻو ڊپ ٿيو ۽ هينئ بيگ ڪڍڻ بغير جيئن تيئن ڪري مٽي وجهي اسان وٺي ڀڳاسين. گهر اچي مون رشتيدارن سان ان ڇوڪريءَ جو گناهہ دريافت ڪيو تہ ٻڌايو ويو: ان ۾ موجوده دؤر جي حوالي سان عيب سمجهيو ويندڙ ڪو ڏوهہ تہ نہ هو البت هوءَ بہ عام ڇوڪرين جيان فيشن پرست هئي ۽ پردو نہ ڪندي هئي. هينئر انتقال کان ڪجهہ ڏينهن پهريان رشتيدارن ۾ شادي هئي تہ ان فيشني وار ڪٽايا ۽ پاڻ کي سنواري سينگاري عام عورتن جيان شادي جي تقريب ۾ بي پردہ شرڪت ڪئي هئي.

اے مری بہنو! سدا پردہ کرو　　تم گلی کُوچوں میں مت پھرتی رہو
ورنہ سن لو قبر میں جب جاؤ گی　　سانپ بچھّو دیکھ کر چِلاؤ گی

# ڪمزور بهانا

ڇا ان بدنصيب فيشن پرست ڇوڪريءَ جو داستانِ وحشت نشان پڙهي اسان جون اهي اسلامي ڀينرون درسِ عبرت حاصل نہ ڪنديون جيڪي شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي هن طرح جا حيلا بهانا ڪنديون رهن ٿيون تہ منهنجي تہ مجبوري آهي اسان جي گهر ۾ ڪوئي پردو ناهي ڪندو، خاندان جي رواج کي بہ ڏسڻو پوي ٿو، اسان جو سمورو خاندان پڙهيل لکيل آهي، سادي ۽ پرديدار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

ڇوڪريءَ جي لاءِ اسان وٽ ڪو رشتو به ناهي ايندو، بس دل جو پردو هجڻ ڪپي، اسان جي نيّت صاف آهي وغيره وغيره. ڇا خانداني رسم و رواج ۽ نفس جون مجبوريون توهان کي قبر جي عذاب ۽ جهنم کان ڇوٽڪارو ڏياريندين؟ ڇا توهين بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ هن طرح جون فضول مجبوريون بيان ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديون؟ جيڪڏهن نه ۽ واقعي نه ته پوءِ توهان کي هر حال ۾ بي پردگي کان توبه ڪرڻي پوندي. ياد رکو! لوحِ محفوظ تي جنهن جو جتي جوڙو لکيل هوندو آهي اتي ئي شادي ٿيندي آهي، بي صورت ۾ اڪثر ڪري ڪيتريون ئي پڙهيل لکيل ڪنواريون ڇوڪريون اڪ ڇنبي ۾ موت جو شڪار ٿي وينديون آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڪنوار پنهنجي ”رخصتي“ کان پهريان ئي موت جو ڪاچ ٻڌجي ويندي آهي ۽ ان کي روشنين سان جهڳمڳ ڪندڙ، خوشبوئن سان مهڪندڙ سيج تي پهچائڻ جي بجاءِ ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل سوڙهي ۽ انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو آهي.

تو خوشی کے پھول لے گی کب تلک؟
تُو یہاں زندہ رہے گی کب تلک؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنجاهہ سٺ نانگ

1986ع جي جنگ اخبار ۾ ڪنهن ڏکويل ماءُ ڪجھ هن طرح بيان ڏنو هو: منهنجي سپ کان وڏي نياڻي جو ڪجھ عرصو پهريان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** **(ابن عدي)**

انتقال ٿيو هو، ان کي دفن ڪرڻ جي لاءِ جڏهن قبر کوٽي وئي ته يڪدم ان ۾ پنجاهه سٺ نانگ جمع ٿي ويا! ٻي قبر کوٽائي وئي ان ۾ به اهي ئي نانگ اچي ڦڻ ڪڍي هڪٻئي تي ويهي رهيا، پوءِ ٽين قبر تيار ڪئي وئي ان ۾ به انهن ٻنهي قبرن کان وڌيڪ نانگ هئا. سيني ماڻهن تي خوف طاري ٿي ويو، وقت به ڪافي گذري چڪو هو، لاچار ٿي پاڻ ۾ مشورو ڪري منهنجي پياري ڌيءُ کي نانگن پري قبر ۾ دفن ڪري ماڻهو پري کان ئي مٽي اڇلائي هليا آيا، قبرستان کان گهر اچڻ کان پوءِ منهنجي مرحومه ڌيءُ جي پيءُ جي حالت تمام خراب ٿي پئي ۽ اهو خوف وچان هر هر پنهنجي ڪنڌ کي جهٽڪو ڏيندو هو. ڏکويل ماءُ جو وڌيڪ بيان آهي ته منهنجي نياڻي هونئن ته نماز روزن جي پابند هئي پر هوءَ فيشن ڪندي هئي. مان ان کي پيار ۽ محبت سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي هيس پر هو پنهنجي آخرت جي ڀلائي جي ڳالهين تي غور ڪرڻ بدران مون تي ڪاوڙ ڪندي هئي ۽ مون کي ذليل ڪندي هئي، افسوس! منهنجي ڪا ڳالهه منهنجي نادان مادرن نياڻي کي سمجهه ۾ نه آئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوفناڪ ڪڏو

ٿي سگهي ٿو شيطان ڪنهن کي وسوسو وجهي ته هي اخباري واقعو آهي ڪهڙي خبر سچو به آهي يا نه؟ بالفرض هي غلط هجي تڏهن به غير شرعي فيشن پرستي ۽ بي پردگيءَ جي جائز هئڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا صبح ۽ ڏھ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

کي کو ثابت نہ ٿو ڪري سگهي، حديث پاڪ ۾ ناجائز فيشن جو عذاب ملاحظہ فرمايو. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”مان کي اهڙا ماڻهو ڏنا جن جون کلون باھ جي قينچين سان ڪٽيون پئي ويون منهنجي پڇا ڪرڻ تي ٻڌايو ويو، هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ناجائز شين مان زينت حاصل ڪندا هئا ۽ مون هڪ کڏو بہ ڏٺو جنهن مان رڙين ۽ ڪوڪن جا آواز اچي رهيا هئا، منهنجي دريافت ڪرڻ تي ٻڌايو ويو: هي اهي عورتون آهن جيڪي ناجائز شين جي ذريعي زينت (يعني سينگار) ڪنديون هيون.“ (تاريخ بغداد ج 1 ص 415) ياد رکو! نيل پالش جو تھ ننهن تي ڄمي ويندو آهي تنهنڪري نہ وضو ٿيندو آهي نہ ئي غسل ٿيندو آهي، جڏهن وضو ۽ غسل نہ ٿيو تہ نماز بہ ناهي ٿيندي.

## خبردار

هرگز هرگز شيطان جي هن چڪر ۾ نہ اچو، جيئن تہ ڪي نادان ماڻهو هن طرح چوندا آهن تہ دنيا ترقي ڪري چڪي آهي، معاذالله چادر ۽ چار ديواري تہ انتها پسند مسلمانن جو نعرو آهي، هاڻي تہ مردن ۽ عورتن کي کلهو کلهي سان ملائي ڪم ڪرڻ گهرجي وغيره. يقينًا هڪ مسلمان جي لاءِ قرآن پاڪ جو دليل ئي ڪافي هوندو آهي. تنهنڪري دل جون اکيون کولي قرآن پاڪ جي هي آيت پڙهو:

وَ قَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَ لَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى (پ 22 الاحزاب 33)

ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٽڪيون رهو ۽ بي پرده نہ رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگيءَ وانگر.

مٿين آيت بازارن ۽ شاپنگ سينٽرن ۾ بي پردگيءَ سان گهمڻ ڦرڻ وارين، پاڻ کي مخلوط تفريح گاهن جي زينت بڻائڻ وارين، مخلوط تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارين، اسڪول يا ڪاليج ۾ نامحرم استادن کان پڙهڻ ۽ نامحرم کي پڙهائڻ وارين، آفيسن، ڪارخانن، اسپتالن ۽ مختلف ادارن ۾ مردن سان بي پرده يا خلوت (يعني اڪيلائي) ۾ يا فتني جو امڪان هجڻ باوجود گڏجي ڪم ڪرڻ وارين کي دعوتِ فڪر ڏئي رهي آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پٽ دنيا مان ويو پر حيا ته باقي آهي

باحيا عورتون، ڇا بہ ٿي پوي بي پردگي ناهن ڪنديون. سيدتنا اُمِّ خلّاد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا پردو ڪري منهن تي نقاب ويڙهي پنهنجي شهيد فرزند جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ بارگاهِ سروَر ڪائنات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيون. ڪنهن چيو: توهين هن حالت ۾ پٽ جي معلومات حاصل ڪرڻ آيون آهيو جو توهان جي چهري تي نقاب ويڙهيل آهي! چوڻ لڳيون: ”جيڪڏهن منهنجو پٽ ويو تہ ڇا ٿيو، منهنجو حيا تہ ناهي ويو.“ (سنن ابوداؤد ج 3 ص 9 حديث 2488)

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بي پردگي ڪا ننڍي مصيبت ناهي؟

هن حڪايت مان اسان جون اهي اسلامي ڀينرون درس حاصل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪن جيڪي بي پردگيءَ جي لاءِ طرح طرح جا بهانا ڪنديون آهن. ڪا چوندي آهي ڇا ڪريان مان ته بيوهه آهيان، ڪا چوندي آهي ٻارن جو پيٽ پالڻ جي لاءِ آفيس ۾ غير مردن سان گڏ بي پردگي يا خلوت (يعني اڪيلائي) ۾ يا فتني جو انديشو هجڻ باوجود نوڪري ڪرڻي پئجي وئي آهي حالانڪ روزيءَ جي حصول لاءِ ڪو گهريلو ڌنڌو به ته ممڪن هو، پر "مدني سوچ" ڪٿان ملي! ڇا ڦهريان جون باپرده عورتون بيوهه نه ٿينديون هيون؟ انهن تي مصيبت نه ايندي هئي؟ ڇا اسيران ڪربلا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم تي آفتن جا پهاڙ نه ٽٽا هئا؟ ڇا معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪربلا وارين عفت مآب بيبين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنّ پردو ترڪ ڪيو هو؟ نه ۽ هرگز نه، ته پوءِ مهرباني فرمائي پنهنجي هيٺي حال تي ترس کائو ۽ ڪمزور وجود کي قبر ۽ جهنم جي عذاب کان بچائڻ جي خاطر پردو اختيار ڪيو. خدا جو قسم! اها بي پردگي معمولي مصيبت نٿي چئي سگهجي جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب ۾ ڦاسائي وجهي. والعِياذُبِالله تعاليٰ

## 31 مدني گلن جو گلدستو

﴿1﴾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عورت کان هٿ ۾ هٿ ڏيڻ بنا فقط زبان سان بيعت وٺندا هئا. (بهار شريعت ج 3 ص 446)

## مريدياڻي پير صاحب جو هٿ نٿي چمي سگهي

﴿2﴾ عورت جو پنهنجي مرشد کان به اهڙي طرح پردو آهي جهڙيءَ طرح ٻين نا محرمن کان. عورت پنهنجي مرشد جو هٿ نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ٿي چمي سگهي، نہ پنهنجي مٿي تي هٿ ڦيرائي، نہ ئي پيرن تي زور ڏئي.

## مرد ۽ عورت مصافحو نٿا ڪري سگهن

﴿3﴾ مرد عورت پاڻ ۾ هٿ نہ ٿا ملائي سگهن. فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان مان ڪنهن جي مٿي ۾ لوهہ جي ڪليءَ هنئي وڃي، ان کان بهتر آهي جو اهو ڪنهن اهڙي عورت کي ڇهي جو ان جي لاءِ حلال ناهي. (المعجم الڪبير ج 20 ص 211 حديث 486)

﴿4﴾ عورت اجنبي مرد جي جسم جي ڪنهن بہ حصي کي هٿ نہ لڳائي، جڏهن تہ ٻنهي مان ڪو جوان هجي، جنهن کي شهوت ٿي سگهندي هجي، جيتوڻيڪ ان ڳالهہ جو ٻنهي کي يقين هجي تہ شهوت پيدا نہ ٿيندي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 327، بهارشريعت ج 3 ص 443)

## مرد جي هٿان چوڙيون پائڻ

﴿5﴾ نامحرم جي هٿان عورت جو چوڙيون پائڻ گناهہ آهي ۽ ٻئي گهنگار آهن.

## نندين ٻارن جو ڪهڙو حصو لڪائجي

﴿6﴾ تمام نندي ٻار جي جسم جي ڪنهن بہ حصي کي لڪائڻ فرض ناهي، پوءِ جڏهن ڪجهہ وڏو ٿئي تہ ان جي اڳيان ۽ پويان واري جڳهہ لڪائڻ ضروري آهي. ڏهن سالن کان وڏو ٿي وڃي تہ ان جي لاءِ بالغ جهڙو حڪم آهي.

(ردالمحتار ج 9 ص 602، بهارشريعت ج 3 ص 442)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

# محارم جي جسم ڏانهن ڏسڻ جا احڪام

﴿7﴾ مرد پنهنجي محارم (يعني اهي عورتون جن سان رشتي جي لحاظ کان هميشه جي لاءِ نڪاح حرام هجي مثلاً ماءُ، ڀيڻ، ماسي، ڦڦي وغيره) جي مٿي چهري، ڪن، ڪلهي، ٻانهن، ڪارائي، پني ۽ پيرن ڏانهن نظر ڪري سگهي ٿو جڏهن ته ٻنهي مان ڪنهن کي شهوت جو انديشو نه هجي. (بهارشريعت ج 3 ص 444)

﴿8﴾ مرد جي لاءِ محارم جي پيٽ، (بدن جي) پاسي، پٺي، ران ۽ گوڏن جي طرف نظر ڪرڻ جائز ناهي. (ايضًا ص 445) (اهو حڪم ان وقت آهي جڏهن جسم جي انهن حصن تي ڪپڙو نه هجي ۽ جيڪڏهن اهي سمورا عضوا ٿلهي ڪپڙي سان ڍڪيل هجن ته اتي نظر ڪرڻ ۾ حرج ناهي)

﴿9﴾ محارم جي جن عضون کي ڏسڻ جائز آهي انهن کي ڇهڻ (يعني هٿ لائڻ) به جائز آهي جڏهن ته ٻنهي مان ڪنهن کي شهوت جو انديشو نه هجي. (بهارشريعت ج 3 ص 445)

# ماءُ جي پيرن تي زور ڏيڻ

﴿10﴾ مرد پنهنجي ماءُ جي پيرن تي زور ڏئي سگهي ٿو، پر رانن کي انهيءَ وقت زور ڏئي سگهي ٿو جڏهن ته ڪپڙي سان ڍڪيل هجن. ماءُ جي ران کي به بغير ڪپڙي جي هٿ لائڻ جائز نه آهي. (بهارشريعت ج 3 ص 445)

# ماءُ جي قدم بوسي جي فضيلت

﴿11﴾ ماءُ جي قدمن کي چمي سگهجي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن پنهنجي ماءُ جا پير چميا ته ائين آهي جڻ جنّت جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

چانئڻ ڪي چمي ڏني.“ (المبسوط للسرخسي ج 5 ص 156)

## هنن رشتيدارن کان پردو آهي

﴿12﴾ سؤٽ، ماروٽ، ڦڦاٽ، ماساٽ، سالي ۽ ڀيٽيوي، ڀاڄائي ۽ ڏير، جيٺ، چاچيءَ، ماميءَ، ماسڙ، ڦڦڙ، نپايل ٻار جنهن کي رَضاعت[1] وارن ڏينهن ۾ کير نہ پيئاريو هجي ۽ هاڻي مرد ۽ عورت جا معاملات سمجهڻ لڳو هجي. زبان سان ڪنهن کي ڀاءُ يا ڀيڻ بڻائڻ يا زبان سان ماءُ يا پٽ چوڻ يا زباني پيءُ يا ڌيءُ بڻائڻ، مرشد ۽ مريدياڻي مطلب تہ جن جي پاڻ ۾ شادي جائز آهي انهن جو پاڻ ۾ پردو آهي. باقي! اهڙي ڪراڙي عورت جيڪا نهايت ئي بدشڪل هجي، جنهن کي ڏسڻ سان بلڪل شهوت جو انديشو نہ هجي، ان کان مرد جو پردو ناهي، ان کان علاوه ڪنهن عورت کي ڏسڻ سان شهوت ٿئي يا نہ ٿئي مرد بنا شرعي اجازت جي نٿو ڏسي سگهي، جن سان هميشہ جي لاءِ نڪاح حرام آهي، انهن کان پردو ناهي. بهارِ شريعت ۾ آهي تہ عورت کي شهوت جو انديشو بہ هجي تڏهن بہ اجنبي مرد جي طرف هرگز نظر نہ ڪري. (بهار شريعت ص 443)

## سس سهري کان پردو؟

﴿13﴾ حُرمتِ مُصاهرت جي سبب مرد کي پنهنجي سس ۽ عورت کي پنهنجي سهري کان پردي جي معاملي ۾ رعايت حاصل

(1) ياد رهي! ٻار کي (هجري سن جي حساب سان) ٻن سالن جي عمر تائين کير پيئاريو وڃي ان کان بعد کير پيئارڻ جائز ناهي پر اڍائي سالن جي عمر جي اندر اندر عورت جيڪڏهن پنهنجو کير پيئاري تہ نڪاح جي حرمت ثابت ٿي ويندي يعني هاڻي هي رَضاعي پٽ آهي ان کان پردو ناهي.

ٿي ويندي آهي، باقي! ڀنهي مان ڪو هڪ جوان آهي تہ پردو ڪرڻ مناسب آهي. (حرمتِ مصاهرت جي تفصيلي معلومات جي لاءِ بهارِشريعت جي حصي 7 تان "محرمات جو بيان" ملاحظہ فرمائي ڇڏيو، بلڪ نڪاح، طلاق، عدت، ٻارن جي پرورش وغيره جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شاديءَ ڪان پهريان ئي پڙهو ۽ جيڪر ناهي پڙهيو تہ شادي ڪان پوءِ ئي سهي بهارِشريعت حصو 7 ۽ 8 ضرور ضرور ضرور پڙهي ڇڏيو)

## عورت جو چهرو ڏسڻ؟

﴿14﴾ عورت جو چهرو جيتوڻيڪ جو عورت ناهي پر فتني جي خوف جي سبب غير محرم جي سامهون چهرو کولڻ منع آهي، اهڙيءَ طرح ان ڏانهن نظر ڪرڻ غير محرم جي لاءِ جائز ناهي ۽ هٿ لائڻ تہ اجا بہ وڌيڪ منع آهي. (بهارِشريعت ج 1 ص 484، درمختار ج 2 ص 97)

## سنهو پاجامو نہ پايو

﴿15﴾ ڪي ماڻهو سنهي ڪپڙي جو پاجامو پائيندا آهن جنهن سان ران جي چمڙي ظاهر ٿيندي آهي، ان ڪي پائي نماز ناهي ٿيندي اهڙو پاجامو بنا ڪنهن شرعي مقصد جي پائڻ حرام آهي.

## ڀين جي ڪليل گوڏن ڪي ڏسڻ گناهہ آهي

﴿16﴾ ڪي ماڻهو ڀين جي سامهون گوڏا بلڪ رانون کولي ڇڏيندا آهن هي حرام آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 481) انهن جي ڪليل ران يا گوڏن جي طرف نظر ڪرڻ بہ جائز ناهي، تنهنڪري نيڪر پائي راند ڪيڏڻ ۽ ورزش ڪرڻ ۽ اهڙن ڪي ڏسڻ ڪان بچڻ ضروري آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## اڪيلائي ۾ بنا ضرورت جي اوگهڙ کولڻ!

《17》 سَترِ عورت (يعني اوگهڙ ڍڪڻ) هر حال ۾ واجب آهي بنا ڪنهن صحيح سبب جي اڪيلائيءَ ۾ کولڻ بہ جائز ناهي ماڻهن جي سامهون ۽ نماز ۾ تہ ستر بِالاِجمَاع فرض آهي.

(درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 93، بهارِ شريعت ج 1 ص 479)

## اِستِنجا جي وقت ستر ڪڏهن کولجي؟

《18》 استنجا ڪرڻ وقت جڏهن زمين جي ويجهو ٿيو تہ ان وقت ستر کولڻ گهرجي ۽ ضرورت کان وڌيڪ ستر نہ کوليو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 409) جيڪڏهن پاجامي ۾ زپ (ZIP) لڳائي وڃي تہ پيشاب ڪرڻ ۾ سهولت ٿي سگهي ٿي ڇو تہ ان طرح ستر جو تمام گهٽ حصو کولڻ جي ضرورت پوندي، پر پاڻي سان استنجا ڪرڻ ۾ سخت احتياط ڪرڻو پوندو، سنهي زِپ سڀ کان بهتر آهي.

## دُن کان وٺي گوڏن تائين جو حصو

《19》 مرد ٻئي مرد جي دن کان وٺي گوڏن تائين جو حصو نہ ٿو ڏسي سگهي ۽ عورت بہ ٻي عورت جي دن کان گوڏن تائين جو ڪو حصو نٿي ڏسي سگهي. عورت عورت جي باقي عضون تي نظر ڪري سگهي ٿي جڏهن تہ شهوت جو خطرو نہ هجي.

(بهارِ شريعت ج 3 ص 442، 443)

## پردي جا وار ٻين جي نظرن کان بچايو

《20》 دُن کان هينان وار کوڙي ڪري اهڙي جڳهہ تي اڇلائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

درست ناهن جتي ٻين جي نظر پوي. (بهارِ شريعت ج 3 ص 449)

## عورت جي ڦڻيءَ جا وار

﴿21﴾ عورت جي لاءِ لازم آهي تہ ڦڻي ڏيڻ يا مٿو ڌوئڻ وقت جيڪي وار نڪرن انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏي تہ جيئن غير مرد جي انهن تي نظر نہ پوي. (ايضًا ج 1 ص 449)

﴿22﴾ حيض وارو لٽو اهڙي جڳهہ تي هر گز نہ اڇلايو وڃي جتي ٻين جي نظر پوي.

## عورت جي پيرن جي ڇهانڇهر جو آواز

﴿23﴾ حديث شريف ۾ آهي: **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ ان قوم جي دعا قبول ناهي فرمائيندو، جن جون عورتون ڇهانڇهر پائينديون آهن. (التفسيرات الاحمديہ ص 565) حديث پاڪ ۾ جنهن وڄندڙ ڇهانڇهر پائڻ جي منع ڪئي وئي آهي ان مان مراد گنگهرن وارو زيور آهي.

ان مان سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن زيور جو آواز دعا جي قبول نہ ٿيڻ جو سبب آهي تہ خود عورت جي پنهنجي آواز (جو بنا شرعي ضرورت جي غير مردن تائين پهچڻ) ۽ ان جي بي پردگي **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ جي غضب کي ڪيتريقدر اپاريندي هوندي، پردو نہ ڪرڻ تباهي جو سبب آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ وڄڻ واري زيور جي استعمال جي باري ۾ ارشاد فرمائن ٿا: وڄڻ وارو زيور عورت جي لاءِ ان حالت ۾ جائز آهي جو نامحرمن مثلاً ماسي، مامي، چاچي، ڦُڦي جي پٽن، ڄيٺ، ڏير، پيٽيوي جي سامهون نہ ايندي هجي، نہ اُن جي زيور جي جهنڪار (يعني وڄڻ جو آواز) نامحرم تائين پهچي. **اللّٰہ**

عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ (پ 18 النور 31)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ پنهنجي سينگار ڪي ظاهر نہ ڪن مگر پنهنجي مڙسن تي.

۽ فرمائي ٿو:

وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ (پ 18 النور 31)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ زمين تي پنهنجا پير زور سان نہ رکن جو معلوم ٿي وڃي انهن جو لِڪل سينگار.

فائدو: هي آيت سڳوري جهڙي طرح نامحرم تائين زيور جو آواز پهچڻ بابت منع فرمائي ٿي ائين ئي جڏهن آواز نہ پهچي (تہ) ان جو پائڻ عورتن جي لاءِ جائز ٻڌائي ٿي چوتہ ڌمڪ يعني آواز ڪري پير رکڻ کي منع فرمايو، نہ ان جي پائڻ کي منع فرمايو آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 128 ملخصاً)

ان مان اهي اسلامي ڀينرون درسِ عبرت حاصل ڪن جيڪي خريداري، محلہ داري وغيره ۾ غير مردن سان بي تڪلُّفي سان گُفتُگو ڪنديون آهن انهن کي تہ گهر جي چار ديواري ۾ بہ آهستي ڳالهائڻ گهرجي تہ جيئن ٻاهريان ماڻهو يا پاڙي وارا وغيره آواز نہ ٻڌي سگهن، ٻارن کي دڙڪو داٻ ڏيڻ وقت بہ اهو ئي احتياط رکو.

## عورت سڄي آستين وارو لباس پائي

﴿24﴾ عورت پردي وغيره مان بہ هٿ وڌائي غير مرد کي ڪا شيءِ اهڙي طرح نہ ڏئي جو ان جي ڪارائي (هٿ جي تِري ۽ ٺونٺ جي وچ واري حصي کي ڪارائي چئبو آهي) ظاهر ٿئي. (اڄڪلهہ عام طور تي ائين ئي ٿيندو آهي. جيڪڏهن مرد ڄاڻي واڻي ڪارائي جي طرف نظر

ڪئي ته اهو به گنهگار آهي. تنهنڪري اهڙي موقعي تي ڪارائي ڪنهن ٿلهي ڪپڙي سان ڍڪڻ ضروري آهي) اسلامي ڀينرون پوري آستين جو لباس پائن، پڻ دستانا ۽ جوراب به استعمال فرمائن.

## شرعي پردي واري کي ڏسڻ ڪيئن؟

﴿25﴾ بيان ڪيل شرعي پردي ۾ ملبوس عورت کي جيڪڏهن مرد بغير شهوت جي ڏسي ته ڪو حرج ناهي ڇو ته هتي عورت کي ڏسڻ ناهي ٿيو بلڪ هي انهن ڪپڙن کي ڏسڻ ٿيو، ها جيڪڏهن چُست ڪپڙا پاتل هجن جو بدن جو نقشو چٽو معلوم ٿيندو هجي مثلاً چُست (يعني سوڙهي) پاجامي ۾ ڀِنيءَ ۽ ران وغيره جي اصلي شڪل نظر ايندي هجي ته انهيءَ صورت ۾ نظر ڪرڻ جائز ناهي. (ملخص از بهارِ شريعت ج 3 ص 448)

## عورت جي وارن کي ڏسڻ حرام آهي

﴿26﴾ جيڪڏهن عورت ڪنهن سنهي ڪپڙي جو رئو پاتو آهي جنهن سان وار يا وارن جي ڪاراڻ ڪَن يا ڪنڌ نظر ايندو هجي ته ان جي طرف نظر ڪرڻ حرام آهي. (ايضًا) ان طرح جي سنهي ڪپڙي واري رئي ۾ عورت جي نماز به ناهي ٿيندي.

﴿27﴾ معاذالله عَزَّوَجَلَّ اڄڪلهه عورتون ڪليل وارن سان ٻاهر نڪرنديون آهن ڪارايون ۽ وار کولي گاڏيون هلائينديون ۽ اسڪوٽر جي پويان پنهنجون چوٽيون کولي ويهنديون آهن، انهن جي وارن يا ڪارائن تي مرد جي اوچتو پهرين نظر معاف آهي جڏهن ته فوراً ڦيرائي هجي ۽ ڄاڻي واڻي ان طرف ڏسڻ يا نظر نه هٽائڻ، حرام آهي.

# حڪايت

مفتيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامه الحاج مفتي محمد فاروق عطاري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ البارِي هن خوف کان پنهنجي موٽر سائيڪل وڪڻي ڇڏي جو رستي ۾ بي پرده عورتون ڪثرت سان هونديون آهن، ڊرائيونگ ۾ نگاهن جي حفاظت ممڪن ناهي ڇوته نه ڏسي ته حادثي جو خطرو ۽ ڏسڻ ته بلڪل پسند ناهي. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿28﴾ مرد اجنبيه عورت جي ڪنهن به حصي کي بغير شرعي اجازت جي نه ڏسي.

# مرد کان عورت ڪڏهن علاج ڪرائي سگهي ٿي؟

﴿29﴾ جيڪڏهن ڪا طبيبه (ليڊي ڊاڪٽر) نه ملي ته مجبوري جي صورت ۾ عورت، ڊاڪٽر کي ضرورت مطابق پنهنجي جسم جي بيماريءَ وارو حصو ڏيکاري سگهي ٿي ۽ هاٿي ڊاڪٽر ضرورت پوڻ تي هٿ به لائي سگهي ٿو، ضرورت کان وڌيڪ جسم هرگز نه کولي.

# ڏاري عورت سان اڪيلائپ

﴿30﴾ غير مرد ۽ غير عورت جو هڪ گهر ۾ اڪيلو هجڻ حرام آهي، ها اهڙي بدصورت پوڙهي جيڪا شهوت جي قابل نه هجي ان کي ڏسڻ ۽ ان سان اڪيلائي جائز آهي.

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

# اَمرد سان اڪيلائپ

﴿31﴾ مرد جو "اَمرد" (يعني خوبصورت بي ريش ڇوڪر) کي شهوت سان ڏسڻ حرام آهي. شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان گڏ هڪ گهر ۾ اڪيلائي بہ ناجائز آهي، چُمي ڏيڻ يا ڀاڪر پائڻ جي خواهش پيدا ٿيڻ شهوت جي علامتن مان آهي.(1)

**تَنبِيهہ:** مالهي، مزدور، چوڪيدار، ڊرائيور ۽ گهر جي ملازم ڪان بہ بي پردگي حرام آهي. (پردي جي تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "**پردي جي باري ۾ سوال جواب**" پڙهي وٺو)

## ماخذ۽ مراجع

| مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو |
|---|---|---|---|
| دار الكتب العلمية بيروت | تاريخ بغداد | مكتبةالمدينہ باب المدينہ كراچي | قرآن مجيد |
| دار المعرفة بيروت | الزواجر عن اقتراف | مكتبةالمدينہ باب المدينہ كراچي | كنز الايمان مع خزائن العرفان |
| دار الكتب العلمية بيروت | المبسوط | پشاور | تفسيرات احمديہ |
| دار المعرفة بيروت | ردالمحتار | دار ابن حزم بيروت | صحيح مسلم |
| دار الفكر بيروت | فتاوي عالمگيري | دارالفكر بيروت | سنن ترمذي |
| رضا فائونڊيشن لاهور | فتاويٰ رضويہ | دار احياء التراث العربي بيروت | سنن ابي داوٗد |
| مكتبةالمدينہ باب المدينہ كراچي | بهار شريعت | دار احياء التراث العربي بيروت | المعجم الكبير للطبراني |
| ضياءُ القران لاهور | مراة المناجيح | دار الكتب العلمية بيروت | الفردوس بماثور الخطاب |

### هي رسالو پڙهي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

(1) وڌيڪ معلومات لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو"قوم لوط جون تباه ڪاريون" پڙهي ڇڏيو.